SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر XVI مجريه 2000

# SINDH ORDINANCE NO.XVI OF 2000

# سنڌ مقامي حڪومت چونڊون (ٻي ترميم) آرڊيننس، 2000

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT ELECTIONS (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 2000

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر X جي دفعه 18 جي ترميم
Amendment of section 18 of Sindh Ordinance No.X of 2000

3. 2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر X جي دفعه 35 جي ترميم
Amendment of section 35 of Sindh Ordinance No.X of 2000

# سنڌ آرڊيننس نمبر XVI مجريہ 2000

# SINDH ORDINANCE NO.XVI OF 2000

# سنڌ مڪاني حڪومت چونڊون (ٻي ترميم) آرڊيننس، 2000

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT ELECTIONS (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 2000

[22 ڊسمبر 2000]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت چونڊون آرڊيننس، 2000 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ مڪاني حڪومت چونڊون آرڊيننس، 2000 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ مڪاني حڪومت چونڊون آرڊر، 2000 (2000 جي نمبر 8) تحت، چيف ايگزيڪيوٽو آف پاڪستان خوشيءَ سان اليڪشن ڪمشنر کي صوبن ۾ مڪاني چونڊون ڪرائڻ لاءِ بااختيار بڻايو آهي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن تہ گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو

قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن ڪي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ مڪاني حڪومت چونڊون (ٻي ترميم) آرڊيننس، 2000 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر X جي دفعہ 18 جي ترميم
Amendment of section 18 of Sindh Ordinance No.X of 2000

2. سنڌ مڪاني حڪومت چونڊون آرڊيننس، 2000 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ ٻہ ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 18 کانپوءِ هيٺين نئين دفعہ جو اضافو ڪيو ويندو، يعني:

"18A. **عارضي آسامي**، (1) جيڪڏهن ڪنهن ميمبر جي سيٽ ڪائونسل جي آفيس جي مدت دوران خالي ٿئي ٿي تہ ضمني چونڊن ذريعي نئون ميمبر چونڊيو ويندو ۽ اهڙو ميمبر اهڙي رهيل مدي لاءِ عهدو رکندو، بشرطيڪ سموريون ضمني چونڊون سال ۾ هڪ ڀيرو چيف اليڪشن ڪمشنر طرفان طئي ڪيل تاريخ تي ڪرايون وينديون.

(2) ناظم جي عهدي جي آسامي آفيشيٽنگ ناظم لاڳاپيل ڪائونسل جي ميمبرز طرفان اڪثريتي ووٽن ذريعي ذريعي پريندو، بشرطيڪ اهو تہ:

(a) اهڙيءَ ريت چونڊيل ميمبر انهيءَ عهدي تي ضمني

چونڊن تائين ميمبر رهندو؛

(b) نائب ناظم ضمني چونڊن لاءِ يا آفيشيٽنگ ناظم ٿيڻ جي اهل نہ هوندو؛

(c) ناظم جي عارضي طور غير حاضري جي موقعي تي، لاڳاپيل ڪائونسل جو نائب ناظم، ناظم جي جاءِ سنڀاليندو.

2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر X جي دفعہ 35 جي ترميم

Amendment of section 35 of Sindh Ordinance No.X of 2000

3. آرڊيننس ۾، دفعہ 35 کانپوءِ هيٺين نئين دفعہ شامل ڪئي ويندي، يعني:

"**35A. توهين ڪرڻ تي سزا ڏيڻ جو چيف اليڪشن ڪمشنر جو اختيار.** چيف اليڪشن ڪمشنر کي ڪنهن شخص کي عدالت جي توهين ڪرڻ تي هاءِ ڪورٽ وارا اختيار حاصل هوندا ۽ عدالت جي توهين ايڪٽ، 1976 (1976 جي XLVI) تحت ۽ ان سلسلي ۾ ايترو اثر هوندو جڻ "جج" ڏانهن ريفرنس "چيف اليڪشن ڪمشنر" ڏانهن ريفرنس هيو.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي**